# هتڙيءَ جو گل

( شاعري)

## خدا بخش "خاضع"

**مرتب**

**حفي الحفيظ الحفن**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر







# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”هٽڙيءَ جو گل“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **خدا بخش خاضع** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن جو مرتب حفي الحفيظ الحفن آهي.

هن ڪتاب جو نالو ”هٽڙي جو گل“ رکيو ويو آهي. هٽڙي خدا بخش ”خاضع“ جي ماءُ آهي ۽ هي گل سندس پٽ آهي. جيڪو سندس سيني ۾ دفن آهي. هن گل جي خوشبو هٽڙي جي هوائن ۽ فضائن ۾ تاقيامت گهلندي رهندي ۽ سندس محبت جي جذبي کي پکيڙيندي رهندي. شل قدرت سندس روح غريق رحمت ڪري (آمين).

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري مزمل سائر جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





**ڪتاب نمبر 81**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | هٽڙيءَ جو گل |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | خدا بخش ”خاضع“ |
| مرتب: | حفي الحفيظ الحفن |
| ڇاپو پهريون: | 2017ع |
| ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: | آفتاب احمد هنگورو |
| ٽائيٽل: | شاهزيب ميمڻ |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

**مُلهه: 200 روپيا**

***Hatri Jo Gul***
(***Poetry***)
***By: Khuda Bux “Khazai”***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**
پٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

**ڪتاب نمبر 81**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | هٽڙيءَ جو گل |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | خدا بخش "خاضع" |
| مرتب: | حفي الحفيظ الحفن |
| ڇاپو پهريون: | 2017ع |
| ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: | آفتاب احمد هنگورو |
| ٽائيٽل: | شاهزيب ميمڻ |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

03003513966

**مُلهہ: 200 روپيا**

***Hatri Jo Gul***

(***Poetry***)

***By: Khuda Bux "Khazai"***

***Sambara Publication Hyderabad***

***03003513966***

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد. فڪشن هائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.





# تعارف

هن ڪتاب جو باني شاعرانہ مزاج رکندڙ دارالبقا جو راهي مرحوم خدا بخش تخلص "خاضع" ولد حاجي عبدالحيات هاليپوٽو (1936-06-06) ڇهہ جون اوڻيهہ سو ڇٽيهہ تي حيدرآباد ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "هٽڙي" ۾ پيدا ٿيو. مرحوم منهنجو وڏو ڀاءُ هو. جيڪو هن فاني دنيا مان (2002 - 02 - 19) اوڻيهہ فيبروري ٻہ هزار ٻہ ۾ (66) ڇاهٺ سالن جي ڄمار ۾ ڪوچ فرمائي ويو. سندس زندگيءَ جو تمام عرصو ڳوٺ هٽڙي ۾ گذريو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ هٽڙي ۾ حاصل ڪئي. پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ بعد سهولتن نہ هجڻ سبب انگريزي تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ تہ اُنهي دور ۾ ڳوٺ هٽڙي ۾ ڪو بہ مڊل اسڪول يا هائي اسڪول نہ هو. پرائمري اسڪول بہ هڪ خانگي گهر ۾ هلايو ويندو هو. آس پاس جا شاگرد وڏين تڪليفن سان علم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. ڳوٺ هٽڙي جو ڪو بہ اهڙو شخص منهنجي نظر مان ڪونهي گذريو، جيڪو ان دور جو ڪنهن اعليٰ مرتبہ تي پهتو هجي. اها هن ڳوٺ جي بدقسمتي هئي. وري جيڪي پرائمري تائين تعليم حاصل ڪندا هئا، اُهي بہ حاصل ڪيل علم کي اسڪولن مان نڪرڻ بعد وساري ڇڏيندا هئا. ڇڻ اُهي ڪڏهين پڙهيا ئي ڪونہ هئا. ليڪن مرحوم خدا بخش اُنهن اهل علم دوستن مان هو، جن علم کي پنهنجي ٽين اک سمجهي پنهنجي شعوري فطرت کي پروڙيو، پرکيو ۽ ويڃهايو. مرحوم زندگيءَ ۾ ارتقا طرف گامزن نہ ٿي سگهيو. يعني ڪا علمي ڊگري حاصل ڪري تہ نہ سگهيو پر ڪائنات جي رازن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي تدبرانہ ڪيفيت ۾ سمائجي ضرور ويو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ چند انسانن سان لافاني الفت جو عملاً مظاهرو ڪيو. اها هڪ الڳ حقيقت آهي تہ فطرت پنهنجو رنگ جدا جدا انداز ۾ نکاري ۽ سنواري ٿي، ڪڏهن بيچين ڪيفيت ۾ درديلا گيت ٿي ڳارائي تہ ڪڏهن خوشيءَ جي احساس کي جهومائيندي نظر ٿي اچي. ڪڏهن ڪربي حالت ۾ ويراني جو رخ ٿي ڪرائي تہ ڪڏهن طربي ڪيفيت ۾

3

وري شور و غل جي ماحول ۾ رقص ڪندي نظر ٿي اچي. هن شاعر ۾ به اهڙي قسم جي جاذبيت نظر اچي ٿي. شاعرانه مزاج رکندڙ انسان حقيقت ۾ منافق نه ٿيندو آهي. چاڪاڻ جو جنهن کي چاهيندو آهي ان سان ايترو ته پيار ڪندو آهي جو اُن کي اهو گمان ٿيڻ لڳندو آهي ته شايد سندس شخصيت ۾ ڪي انمول هيرا مدفون آهن، جيڪي هو چوري ڪري ويندو پر جڏهن اهو شاعر ڪنهن ڪان متنفر ٿيندو آهي ته ان جي آڏو ان جي ئي متعلق پنهنجي جذبات جي اظهار ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪندو آهي. سو مرحوم خدا بخش "خاضع" هڪ سچو انسان هو يقينن اهڙو انسان هر فرد ڪائنات کي پنهنجو معشوق يا محبوب نٿو سمجهي سگهي پر جنهن سان پيار ڪري ٿو، تنهن کي پڳوان جي رتبي تي پهچائي سندس عبديت ۾ اچي ٿو وڃي ۽ پوڄيندو ٿو رهي، هي به اهڙو ئي هڪ عاشق ۽ شاعر آهي.

مرحوم خدا بخش هاليپوٽو جي باري ۾ ڪجهه حقيقتون بيان ڪرڻ ضروري آهن، چاڪاڻ ته هن جو ڪلام هن کي شاعر ظاهر ڪري ٿو پر اُهي ڪهڙيون حقيقتون هيون، جيڪي هن جي شاعرانه زندگي جون آئينه دار آهن، جيئن ته طبيعتن پاڻ هڪ موڊي انسان هو، جنهن ڪري هر عام و خاص سان متوصل ٿي نه سگهيو. هن تنهائيءَ ۾ گهڻو وقت گذاريو، اُنهيءَ جو ڪارڻ جيڪو محسوس ڪيو، اُهو اِهو هو ته هو هڪ سچو ۽ کرو ماڻهو هو، جنهن ڪري اڪثر و بيشتر عام و خاص هن ڪان لهرائيندا هئا. بهرحال دليري ۽ بيباڪي هن جي سڃاڻپ هئي، هي پُر اعتماد رهندو به هو ۽ واقعي هوندو به هو ۽ ڀروسي لائق انسان هو سواءِ مصلحت جي هن ڪوڙ ڪونه ڳالهايو، مون هن کي زندگيءَ ۾ ڪنهن ڪان به ڊڄندي نه ڏٺو سواءِ ابدي عدالت جي خوف ڪان جڏهن هي انهي ڪيفيت ۾ ايندو هو ته ڏاڍو روئندو هو، مون هن کي ڪيئي ڀيرا هن حالت ۾ ڏٺو، يعني خدا جو خوف رکندڙ انسان هو، آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو ۽ پنهنجو پاڻ ڪان سوال پڇندو آهيان ته هي ايڏو دلير ۽ بيباڪ چو هُيو، گهري سوچ فڪر بعد هن نتيجي تي پهچندو آهيان ته هي خود غرض ۽ مفاد پرست نه هو، ڪنهن جي ملڪيت يا مال تي هن جي نظر نه هئي. مطلب ته لالچي ته نه هو ته بزدل به نه هو، رب العزت جو





احسان آهي، اهڙو ڪو حادثو هن جي ذهن تي اثر انداز نه هو ۽ نه ٿيو ورنه خطرناڪ موڙ اختيار ڪري ها، وري اهڙي طبيعت جي برعڪس هي مهمان نواز سادگي پسندتمسخر پسند رحم ڪرڻ وارو جنهن سان ٿهي، تنهن تان قربان ٿيڻ وارو وفا لفظ جو مجسمو چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، جنهن سان محبت ڪيائين، توڙ نڀايائين عهدو پيمان جو پيڪر هو ۽ هڪ غيرت مند انسان هو، انسان فطرتي غلطين جو گهر آهي. هن ڪان ڪي اهڙيون غلطيون ٿيون، جيڪي نه ٿيڻ کپنديون هيون پرسراري طور هي هڪ بهترين انسان هو. نالائقن ۽ منافقن لاءِ آزار هو ۽ فضيلت ڀرين لائق دوستن جو يار هو، وفادارن جو غلام هو.

زندگيءَ جي منفي پهلوءَ ۾ مرحوم ڪن دنيوي نعتن ڪان محروم رهيو، جنهن جو هن جي ذهن تي گهرو اثر هو. ڪيس اولاد نه هو، جيئن اڪيلو آيو، تيئن بنا وارث جي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو دنيا ۾ هر انسان جي اها خواهش هوندي آهي ته ڪيس ياد ڪرڻ ۽ ياد رکڻ لاءِ هن جو وارث هجي ان حقيقت کي مد نظر رکي مون اهو شدت سان محشوس ڪيو ته چو نه مرحوم جي احساس محروميت کي درپرده رکي هن جي شاعرانه ڪلام کي ڪتاب جي شڪل ڏئي هن جو لازوال وارث منظرعام تي اندو وڃي. الله پاڪ جي نوازش سان آئون انهي ڪم ۾ ڪامياب ٿيس. الحمدالله شاعري جي مواد ۾ بيت، ڪافيون، گيت، رباعي ۽ غزل شامل آهن. مون فقط غزل تي علم عروض جي تقطيع تي ڪم ڪيو آهي. شايد ڪجهه غزل مرڳوئي بدلجي ويا، ليڪن خيال ساڳيو رهيو. مون ساڍس گهڻو وقت گذاريو. انهي ڪري طبيعتن آئون سندس واقف هوس، بهر ڪيف الله جي ذات مون کي سرخرو ڪيو ۽ خدا بخش خاضح جو ڪتاب هنڙي جو گل توهان جي هٿن ۾ آهي ۽ ضايع ٿيڻ ڪان بچي ويو. شڪر الحمدالله.

هن ڪتاب جو نالو "هنڙي جو گل" رکيو ويو آهي. هنڙي خدا بخش "خاضع" جي ماءُ آهي ۽ هي گل سندس پٽ آهي، جيڪو سندس سيني ۾ دفن آهي. هن گل جي خوشبو هنڙي جي هوائن ۽ فضائن ۾ تاقيامت گهلندي رهندي ۽ سندس محبت جي جذبي کي پکيڙيندي رهندي. شل قدرت سندس روح غريق رحمت ڪري. (آمين.

اداخدا بخش ”خاضح“ ءِ خدن بئي تخلص طور استعمال ڪيا آهن. خاضح جي معنيٰ آهي. نوڙت ءِ انڪساري رکندڙ. هن ڪتاب جي آخر ۾ بابا حاجي عبدالحيات هاليپوٽو جا چند ابيات ڏنا اٿم، جيڪي سندس خيال جي عڪاسي ڪن ٿا. الحمدالله ضايع ٿيڻ کان بچي ويا.

فيبروري 2004 حفي الحفيظ اَلحفن







# ابيات

## حمد باري تعاليٰ

جـا ڏي ڏسـان تـو تـاڏي تـون الــ الــ الــ الــ
تون هي تون
تون هي تون
هر گل شجر خوشبو سندو معطر ڪري ٿو من مَحُو
الہ الہ الہ الہ
شمس و قمر تارن سين گڏ دنيا لئہ ڪئي روشن تورُو
الہ الہ الہ الہ
لوح و قلم عرش و مڪان ارض سمان سڀ تون هي تون
الہ الہ الہ الہ
ايڏي حسين مخلوق اٿئي تون ڇا تہ هوندين خوبرو
الہ الہ الہ الہ
حـمـد و ثـنـا ۾ آ مـگـن مـخـلـوق ڪـل شام صُـبـوح
الہ الہ الہ الہ
هيڏي تہ ڏس خاضع ڏي تون وائي گهري ٿو هُوئي هُو
الہ الہ الہ الہ







هَـتـي ۽ هـنـڙي فـرق آهـي فـڪـر جـو
ڇُڻ مَ چوڪا چنگاليون وڪر واڇي وٺ ڙي
متان ڪـو ڦٽ ڙي ڇڪي پَوَئي ڇاش تـي

هَـنـڙيـيـون هـونـد وڪـر پـرائـيـن وِت جـو
ڦـڪـي ڳـنـهـہ فـلاح جـي بـره ٻـرائـي ٻـونـد
هڪ حرص هِينيون هيريو پيا دنيا سندا دود
پُـرسـي ڪـج پـاڻ سـان وَهـيءَ جـو وجـود
مـيـان تـو مـعـبـود حـرف ڇـڏيـو هـيـڪـڙي

هـنـڙي آهـي هـيـريـو من مـون مـيـهـار سـيـن
دِلا ڏڪـيـون دل سـان ڦـوڪـيـان آئـون ڦـيـريـو
سـجـڻ ڪـي سـيـريـو ٿـوڪ وڪـامـن ٽـانـوڙا

آئون ڏريان ٿي واسڙي ساجن سو سرواڻ
پلئہ لائي پنهنجي آريءَ وڏايم آسڙي
ٿورائتي ٿيانس ڙي اٿم ساجن سپاجهڙو

سجڻ سين ساھ آه منهنجو ايئن
پيوند پالر سين جڙ جوڙي جيئن
من منهنجو تيئن مليو آهي محب سين

هوتن منهنجو هيانءُ ڏوريندي ڏاريو
پينر هن پنهور ۾ تهين نہ ڳنهي نانءُ
وري ڪا وهانءُ ڪندي ڪانہ ڪڏهن

آيل منهنجو انگڙو آريءَ سين آه
ويهان ڪيئن وري لاڳاپا لاهي
ڪيچن ڪي ڪاهي رسان مان راه ۾

رات بہ روح رهاڻ هُيم هوت پنهونءَ سين
جاڳان تان جت ويا سمهان تان ساڻ
پليان ڪيئن پاڻ سمهڻ ڪنئوڻ سرتيون





سنبهي سُجَ ٿيام اڪن ڏٺا اوٺيا
باڪ ڦٽي بس ٿي هينئڙي هٿ هيام
وري ڪيئن ويام آيا جي اڳٺين

سجڻ پاتوم سرتيون پاڪر رات پري
ڏينهن پڇاڙان ڏورهان وِلهو مون وري
پنيري هن پنيور مان ويو جو ڪوچ ڪري
پل نہ پانيان پاڻ ڪي پنهل آئون پري
انهيءَ جي عشق اري نينهن نهوڙي جندڙي

جيڏيون منهنجو جيءُ جتن سان جڙيو
پنهون نيائون پاڻ سين ڪنواٽن ڪڙيو
چوريءَ جو چڙهيو، سو پنهون نہ وڃڻو پاڻ کان

هوري هلج هيئن جيئن پڙلاءُ نہ پير جو
ٺـڏي وک ٺـورڙي پـائـج ڏانـهـن پـريـن
اُٺن پـٺيـان ايـئن هـل تـہ رسيـن هوت کـي

وڏي پـاءِ وِک هــل مــڙوئــي هــراســڙي
هڪ تہ ڏونگر ڏکيا ٻيو تاءُ ڏيکاري تک
کـري منجهہ کک، هئي تـان هوت ويـا

سرتيون سڱو ۾ سڏ پل پل پئي پنهون جو
نـنڊر رهيـاس نـنڊ ۾ نـہ هوڏي ورايـم هڏ
گـولـي گـڏوگـڏ ڀاتـي هُـيـاس پـيـٽـئـيـن

سلي ڪنهن سان سليان ڳچ سانديون مون ڳالهيون
جهونگارينـدي جيءَ سيـن کِـلـيو پاڻ کـان
موٽيو هٿ مليـان ايـئن سوريـندي سـور کـي




هنڙيءَ جو گل

جـن کـي ٺـي جـئـان سـي تـہ نـاهـن سـاڻ مـون
ڪـيـهـر ڪـيـچ ڏي آئـون ڪـٽـي نـک نـيـان
ٺـورائـٺـي ٺـيـان جـي هـوت مـلـيـم هِـتـڙي

ڏيـنـهـن سـيـن ڏک اوريـان پـئـي انـدر جـا
مــون مــاتــم مــن ۾ ســاجــن پــيــڙو ســک
مــلان تــان مــاٺــي ٺــئــي ســنــدي بــره بــک
تــوئــي رب الــک وراج مــنــهــنــجــو وِلــهــو

سڪندي تنهن سڱ اڻ سڪندين پڻ آه
پائي سر پنهنجي تون رئو ڪري رنگ
مهر تنهن کان مگ جو هوت نہ پڇي حبيب کي

ٻڙي ٺيان ٻلهار جيڪر آئون جتن تان
مون تہ ڪيو ماءُ ڙي هوت هيئن جو هار
آري سين اقرار شل پيوند ٻري پرت جو

پچاري پنوهارين کي ڳوڙها پيم ڳڙي
ويٺي سڪان ويڙهيچن لڏائون نہ سڏ سڙي
چپر جا چيهہ هئي سانڍي هاڻ ٻڙي
ساعت سنگهارن ري گهاريان ڪيئن گهڙي
جن سان جيءَ جڙي سي مارو مون ملير ٿيا

پيوند پرت جو پاري ڪيئن پاريان
ساجن سوائي سرتيون گهايل ٿي گهاريان
منهن پنهنجي ماريان هوتن ري هٿڙا

پچاري پنوهارن کي ڳوڙها پون ڳڙيو
سڪندي سانگين کي ڪريان سڏ سڙيو
جن سان جيءُ جڙيو اُنهن اُڪنڊي آهيان

پچاري پنوهارن کي رئان ويٺي رت
مارو مٺ مُئيءَ جا سانگي منهنجو ست
ڪنديس ڪانہ ڪپٽ وساري ويڙهيچن کي





پچاري پنوهارن کي رنم ساري رات
سڪ سنگهارن جي ٻره پلاري رات
مارن جي مسئلات اندر مون اُجاريو

چپر هئي جا چڪ سا آنڍي عمرڪوٽ ۾
سوين ڪيئي سومرا ڪاهيچا مون سان هيڪ
اڳي تو انيڪ، باندي آنديون بند ۾

سرتيون نہ پانئج مور ڪوجها پسي ڪپڙا
لائي لٽ لنڱن کي ڏوتا ڪن ئي دور
خدن تن ڪستور آهي مٽي ملڪ ملير جي

ڪهہ ڪبوتر ڪوڏيائون اُوچي ڪري اُڏام
آئون جا اوريان ڳالهڙي سامن اندر جي مام
پهچائج پنوهارن کي مون سنيهو ڪري سام
تان متورهين مدام ڪرم سان ڪبوترا

پچاري پنوهارن کي ڏنم رات روئي
چڪيا ڇهڪ اندر جا سُڻن سور سپوئي
سڪڻ مون سوئي جو هو هيڪاندو اڳ ۾

اُسيا جي عميق سي گهر نہ موٽيا گهاتئا
موڙي مڱن مڪڙا رميا مون رفيق
ڪنين نہ سُيم ڪيڪ تہ ماگر ڪيئن مڙيا

ماڳر ڪيئن ميڙيا هتان جي ويا هوءِ
بر ۽ بحر مان اچي بانڪن بوءِ
جاني ڇڏي جوءِ ويا واڪيندا ويري

ويڙها وسنداءِ سدا ساجن سڀاجهڙا
ڏينهن ئون ڏان ڏهاڙي مليو ملنداءِ
هميشہ هونداءِ سهج سامهان سپرين





اڄ تہ اوري آءُ ڪا سڌ سڻايانءِ سور جي
سوا تنهنجي سپرين مون ساڻ ناهي ساءُ
نڪو لوڪ لڳاءُ جيڪا سا سڪ سڄڻين

ڇڪيو ڇڪن چاڪ آهي اوسيئڙو ارواح کي
جا هوتن جي هيراڪ تنهن ساءُ نہ ايندو سرتئين

مارن سندو مذڪور اوريان ڪنهن سان اديون
سدا رهيا ساڻ مون دم نہ هڪڙو دُور
وري ٿيا وهلور ڏيئي دلاسا دُور ٿيا

ڏٺي ڏينهن ٿيام پنهون نيائون پاڻ سين
سڪان سهڄان سرتيون پلئہ پور پيام
جي وساري ويام آئون نہ اُڪنڊي اُن ري

کَھہ ڪبوتر ڪوڏيان تون عرض ڪٽي اي،
جهجيو جهران ڪي جهوپڙن ڪوٺن ناهي ڪيءُ
حال منهنجو هيءُ اورج نيئي ادب سين

کَھہ ڪبوتر ڪوڏيان تون خاصو خط ڪٽي
هت بند باندي ڪئي آهيان همير هٽي
اوهين تان ڏنار ڏٽي آهيو مون اڙيءَ جا

اوڪي تڙا اوپريون گهوريو سر گهڙن
وجيو محب مڙن تانگهہ ڄاٽي تار ڪي

لاهيارن جا لئي پوڪي سا پرين جي
راوت رنبو نار ناڙي هميشہ هئي
پر سيراب نہ سُئي پرين ري پوڪ جي





ڇُهيو مَ چن موتئي مڪڙي ماليا
ٻهڪندو رک پار ڪي ڪيڍي ڪچرو ڪن
پڻ گهٽيون ڳن شاخون اُن شجر جون

انگارا اُسريا گلن ڇڏي گوءِ
تنها پو توءِ چونڊي مون چاهہ ڪيو

سجڻ آئي سک ٿيا ڇڏي ڏکن ڏيڍ
آءُ ڪيئن ڪنهن جي ڪيڍ پلئہ ڇڏيان پرين جو

سجڻ آئي سک ٿيا ڏک پڳا ڏور
هوتن جي حضور جيڪر اگهامي سسئي

سجڻ آئي سک ٿيا ڏکن ڇڏيو ڏيل
ساجن سان سِيل، شل پري مون پرت جو

سڄڻ آئي سک ٿيام، جيڏن ڇڏي جاڙ
ڏک ڏکي ڏولئي ڏکي مون اُڳهاڙ
لٿي لوڪ لپاڙ آري جي اچڻ سين

ڏوتا ڏوڀين ڏاڀ آري جان آئيو
چاڙهيائون چلهن تي ڪنپ ڪستوري پائيو
راجا اُت وائيو سڱ منهنجو سُترو

ڏوڀين ڏاڀ ڏوتا آري جان آئيو
چنبڙيون ٻڏي چيلهه سين پت هٽي پوتا
هن پر تون هوت آ، ڏوڀين ڏوئي ڏتاريو

سڄڻ تنهنجي سنيار هر ويلي هيانءَ سين
سڪڻ ۽ سڏڪڻ ٿيو هورا ڪورا هروار
ڪونهي قلب قرار، جهوريءَ جهوري جندڙي





سڄڻ تنهنجي سنيار ڳاريو ڳچ ڳاري
سڏڪندو ساهه رَهي جي سڄڻ تو ساري
مرڳو مون ماري جو پرين ويو پرديس ڏي

وري واري واڳ ڪو ميڙائو مسڪين تي
موٽي اچج مون پرين مٿاهين ماڳ
سندا دودن داغ ميساريا نه مون ٿين

ڳارين جي ڳچ سي سارُوٽيون سڄڻ جون
ملان تان ماناٽين مڇي محبت مڇ
اندر اورچ هوريئڙو هيئين جي

سڪان ۽ ساريان وساريان ڪيئن ري
پيوند پيچ پرين سين مون لئه ڳالهه ڳري
ڪيم چاهه چري ويئي واجهيان وصل کي

جن سان جڙيم جيءُ سي ايندام سپرين
آئون اُڪنڊي اُن ڪي ڪيئن گهران ڀيو ڪي
حال وڻيو هي خدن ستايان خاوند ڪي

هو جي ڏنو هونِ سڄڻ منهنجو سپرين
تان مڪالون محبوب جون چارئي پهر چُون
رويو ويٺيون رُون، تن ديدون مون دوست ڪي

هُو جي ڏنو هُئانءِ سڄڻ منهنجو سپرين
سيگهہ سٽايو سرتيون ٿي پيرين آئون پُئان
چاچپن سان چُئان، اندر منهنجو اُن سين

جي وڃڻ ڪي ويا سي موٽي نہ ايندا ڏينهڙا
مون پرين دل پاڻ ۾، ٻيلي ٻڌايان ٻيا
جي سنهيءَ سئيءَ سِيا، سي آر آريا انگڙا





ابر جيئن اڪيون، وٺيو وسڪارو ڪن
سنپاري رويو روئن تہ ايندا ڪڏهن اڱڻ تي

ٻنڌڻ ٻاروچن سين شل هميشہ هُون
پير پرين پيچري مون پانڌيئڙا ٿي پُون
ڏوڙ نہ مٿان ڏُون رک پرين جي راهہ جي

سڪيو ساري سڄڻين پڪاريان پيئي
جنهن مهل پرين وڇڙا سا ويل مون ڪان ويئي
ڏکي ڏک ڏيئي خاضع رميا خوبرو

سهجان جن سڏيو، هل تن ڏي هيج سين
پُون پُون پوري، مٿان چڪيندن ڪي چڏيو
تان پٽيءَ ۾ جن پانڌڙو جان لوڪان تو ۾ لڏيو
گولي ٿي گڏيو هينئون جڙ هوتن سين

ساڪيئن وساريان ڪالهه هُيون جنهن سان حسرتون
اڄ پڻ ائين اُسهندي رهي اڄ سپان ڪيو سال
آئون اُڪنڊجي آن ڪي هئڙا وڻيو حال
مولا پوريءَ مٿي پال ڪري ميڙج ڪالهه ڪي

ڪوجو وريو واءُ ڙي، جانيان جنهن جدا ڪيو
سور سپرينءَ جي ڪيو، گهر اٿم گهاءُ ڙي
ختم خاضع خوشيون ٿيون، سڄڻ نيو ساءُ ڙي
مون ڪي ماري ماءُ ڙي هو هوتاٽا هليا ويا

سڄڻ سدائين ويڙها وسنداءِ
مليو موڪ ملنداءِ ڏينهن تون ڏاج ڏهاڙي

ماڻهو سڀ محبتي ڪونهي ڪيني وار ڪو
الفت جن اکن ۾ سڄڻ ڏسنديون سي
جاڙون ڪنديون جي سي پاڻ نہ ڏسن پيار ڪي





هي ماڻهو محبتي شل هميشہ هُون
ڏسيو داغ دامن تي ڏاريان اڇيو ڏُون
رليو مليو رُون غم نہ سمجهن ڪو غير جو

ماڻهو سڀ محبتي ڪونهي ڪلفت وارو ڪو
الفت جنهن جي اکن ۾ سڄڻ ڏسي سو
جفا ڪري جو سو ڪيئن ماڻي قرب ڪي

هميشہ وسي هنڙي منهنجو دلربا ديس
سرسبز شل ساوڪ جو ڍڪي ويس
ڏاتر ڏيو پيو ڏيئس، پري فاضل فضل جو

جاني تنهنجو جوٽ جو سِمهي مون ساءُ لڏو
سو ڪپهہ ڪشميرو ڪونہ، آهي مڙني ڪي موٽ
آهي پشم جي پالوٽ سنڌ سنڌ تنهنجو سپرين

14

سدا نہ رهندي سڪڙي ٿيندي پڇاڙي نيٺ
هي ڏڪن پري ڏيٺ جي ڪٿيءَ تو ڪٿيو

پاري ڪيئن پائي سان ڪربن جي ڪوٺ
ٻيٺي ٿيٺي ڪوٺ پري نہ سگهندو ڪوئي

ڪٿي قرض ڪروڙ، ڪٿي مسڪين مارونڙا
ڪٿي ڪاٿي ڪرم سان جاني ڪندا جوڙ
تهان پوءِ توڙ ٿيندو حاج حساب جو

جي سارُون هُون سڄڻين ڪيئن وساري ڪير
پريت ڏاران پير ڪَٿِيل ٿو ڪُٿيو پوي

هت تانگهائي تون هُت پرين پاڻ ڪي
پل نہ پت پرن تان نہ وڃ اجايو ونئون
سدا سڄڻ سنئون رليو اڇج روح ۾





ماٿو ڪج مٿان، اندر ٻارڻ عشق جو
پلي پڙڪي باهڙي هوتن جي هٿان
موٿي تو مٿان، وسندا مينهن مٿاڻ جا

سولي چاڙه سڙرو، گهاٿي واڏي گهور
نہ تڪ نہ طور (تور) اتي اڻ مَيو آڪسير آ

نڪي اکر عشق جو نڪي نينهن نقطو
پرينءَ سين پختو، شل پيچڙو لهہ اچي

ڪندين خرچ خاضع چڱو تو ڪي چوندا
نظر جيئن ئي ايندين منجهان نوڙت نمندا
جي حال ٿي ويو هيٺو تہ ٻئي گس ڪان رَمندا
خدن تو ڪان لڪندا لڪڻ تن نہ جڳائي ڪو

مون ويسهہَ ڏيندين وس ڪيائون مچيو مُور
سڄڻ اِهو سور لهندو ڪين خدن چئي

مون ويسَهہُ ڏيندين وس ڪيا تو ڪيو نہ اعتبار
پاپ ڄاتئي پيار غاصب چو غريب جو

خصلت ۾ خالصو منهن ۾ مفتي
ڪوڙ اِهي خبطي جائي اٿئي جهان ۾

الله ڪندو آگ اچي لڳندي عشق جي
ڪندين وس وسائڻ لئہ پر لهندين نہ راڳ
ڪامي مرندين خدن لئہ نہ پيڙو ٿيندءِ پاڳ
نوناري نياڳ هاوي رهندءِ حال تي





منهن ۾ مفتي خصلت ۾ خالصو
باري اِها بدبختي ڪڏهن نہ ڏجان ڪنهن کي

امرت ڏارا اڄ ڳت پيا ڳاڙين
پرين پيارين تہ وٺان ڦڙو وات سين

جا امرت ڏارا آهتجي پئي ڳتن مان ڳڙي
سا بوند مون لئہ بس آ جي چپن تي چڙهي
ٿيئي مُردو تڙي ڪڙي جيئرو هن جهان ۾

جا منهن پرين ماڪ، سا امرت جهڙي عاشقن
ڏسيو چاش چهري تي چڪيو پون چاڪ
جي حُسن جا هيراڪ جهڄن جهورن ڪين ڪي

سُتي سور پرينءَ جو ويٺي ناهي ويساند
ٻهان تہ ٻرہُ پيڙڪي، هلان تہ موره ماند
اِها روح رَتي راند، ڪايو ماري خدن ڪي

ماٺهو محبتي ڏنم هيڪاندا هِت
اوڪيءَ ويل آسري ڪين ڇڏيائون ڪٿ
جي ضروري جت سي ٺئي هٺا ساڻ مون

شل هُون هيڪاندا هِت ماٺهو سدا محبتي
اوڪي ويل آسري ڇڏين ڪين ڪٿ
پارڻ ڪارڻ پرت دڪن تان دڄ ٿئي

دل ڪري دانهون ڪري نہ ظاهر زبان
هيءَ اُپاري آڪڻ لئہ هُو ڪڇي مُور ڪان
آئون اندر جا ارمان سليان ڪيئن سڄڻ ڪي





آئون رڪان اوسيئڙو، سڄڻ نہ سارين
حيف اهڙي حُب ڪي جا پوڄارا پارين
سي گهنگهر ٿا گهارين جن يڪطرفو پيار ڪيو

زندگي خود زبان، قلعي چاڙهج قلب تي
دانهون ڪندي دهن سان، هِت ڪپي ويا خان
نٿو ڄاڻين نادان، مُلهہ مهانگو ماٺ جو

پرين ڪان نہ پڇ آئي ويل اڇڻ جي
مزو اٿئي ماٺ ۾، ڪِيسَنَ تان نہ ڪڇ
لوڏي لڱ مَ لڇ متان سڏ پوي سور جي

ٻڙي گڏ ٻارن آءُ ڪالهہ هُيُس ڪيڏڙي
اک ڇنپندي اڇا پيا پيون وٺون منجهہ وارن
خدن اهڙن پارن ياد ڏياري ابد جي

مون ٻانگي ٻانگو آئيو ٻاند سچا ٻنج
گولي لاءِ گنج ڪاتبن ئي ڪري ڇڏيا

آجو ڪج الله هِت هُت مون ڪي حرج ڪان
باقي ڏينم بندگي ڪنا پاپ پناهہ
موٽ وِلهي جي واه ڪانهي تو ڪرم ري

ڪڏهن واجڻ وهوٽي قادر مون نہ ڪجان
ڦڪيون مون فيض جون ڏڪئون اڱ ڏجان
روز و شب رڪجان پاڇي هيٺ پناهہ جي

ويڄن وٽ وڃي آءُ ڪڄارو ڪندي
آهيان جنهن سندي سوئي ڏيندم ستيون

سوئي ڏيندم سُتيون آهيان جنجي آئون
مون ڇوري تي ڇانئون، اٿ ئي پهر اُن جون





ڪري ترڪ طبيبن ڪي اڱڻ اُنهن جي اچ
تہ ڳاڻيتي ري ڳچ دوا ملئي درد جي

ويڄن وٽ وڃي آئون ڪڄاڙو ڪندي
امر ري علاج ڪي تہ ڪنارو نہ ڪندي
آهيان جنهن سندي سوئي ڏيندم سُتيون

سُتيون جن صيف آ دست رس تن ڪي درد تي
ساڃاه رڪن سور جي پيو ڪافي سڻن ڪيف
خدن تو ڪي حيف وڃي نہ تن ويڄن ڏي

سُتيون جن جون سڦليون، سودو جن جو سچ
ڪري ترڪ طبيبن ڪي اُنهن جي اڱڻ اچ
ڳاڻيتي ري ڳچ دوا ڏين درد جي

سچيون ڏئي سُتيون درد ڪنڌءِ ڏُور
ويندون سپ وبائون وڃڻ ڪان وَهلور
باقي ڪين بچندو ڪو سلڻ ڪي سور
ڪري سک سُرور پاءِ ڏيندءِ پاند ۾

تکي هلي تکڙي آءُ ڍِلي ڪريان ڍِر
جا ستي مٿان سر ساپري شل پنڌ ۾

ڪا ٻلهائتي ٻاجھ ڪج مالڪ مسڪين تي
سنجهي صبح سهنج لئہ آءُ وجهان ويني واجهہ
آهادي منهنجي حاج تنهنجي ڪرم اڳيان ڪيتري

اي مولا مون ڪيا آهن حيلن تي حيلا
واهر ٿي وسيلا تان سهنج لهي ساهِڙو





ڪري ترڪ طبيبن ڪي اڱڻ اُنهن جي اچ
تہ ٻڳاڙيتي ري ٻچ دوا ملئي درد جي

ويڄن وٽ وڃي آئون ڪڇاڙو ڪندي
امر ري علاج ڪي تہ ڪنارو نہ ڪندي
آهيان جنهن سندي سوئي ڏيندم سُتيون

سُتيون جن صيف آ دست رس تن ڪي درد تي
ساڃاه رکن سور جي پيو ڪافي شڻن ڪيف
خدن توڪي حيف وڃي نہ تن ويڄن ڏي

سُتيون جن جون سقليون، سودو جن جو سچ
ڪري ترڪ طبيبن ڪي اُنهن جي اڱڻ اچ
ٻڳاڙيتي ري ٻچ دوا ڏين درد جي

سچيون ڏئي سُتيون درد ڪندوءِ ڏُور
ويندون سپ وبائون وڃڻ ڪان وَهلور
باقي ڪين بچندو ڪو سلڻ ڪي سور
ڪري سک سُرور پاءِ ڏيندءَ پاند ۾



# رباعيون





تڪي هلي تڪڙي آءُ دِلي ڪريان ڏِر
جا ستي مٿان سر ساپري شل پنڌ ۾

ڪا ٻلهائتي ٻاجهہ ڪج مالڪ مسڪين تي
سنجهين صبح سهنج لئہ آءُ وجهان ويٺي واجهہ
آ هادي منهنجي حاج تنهنجي ڪرم اڳيان ڪيتري

اي مولا مون ڪيا آهن حيلن تي حيلا
واهر ٿي وسيلا تان سهنج لهي ساهِڙو

سُتي ملندم صحت جي اُٿي هلندس آئون
مقبول پونديون مديءَ جون داور در دعائون
سگهي سرتين سان آئون ملي ملهائيندس مسرتون

اي حاڪم ربّ حَليم اي اعليٰ ربّ الله
عافيت ڏي عليل کي صحت منهنجي ساه
اي والي توريءَ واه ڪانهي ڪا ڪمزور جي

مسجد ۾ ٿي محبت نہ تو سان مندر ۾
تو پي آ پير پاتو خالص خدا جي گھر ۾
قادر رکندو قائم تقدس پنهنجي حرم جو
ايندين تون بہ اُن اڄ يا سڀان اٿر ۾

تنهنجي بيرخيءَ کان بالا محبت آ منهنجي
لائي پو نڀائڻ رهي عادت آ منهنجي
ڳڏين توڙي تڏين تہ بہ پرواهہ ناهي
صداقت تي مبني هي صحبت آ منهنجي

منهنجي تو سان محبت صحبت سچي آ
سچائي سندم وئي رڳن ۾ رچي آ
خدن ماس کائي وئي منهنجو
بقايا بہ باقي خاصي کل بچي آ



هنڙيءَ جو گل

پلي مان پکڙين رهان ٿي نہ راڻي
وساريان نہ وسريم عادت اباڻي
اڃا سي اباڻا نہ وريا ٿي وَهرو
ادا پيئي ان کي نهاريان نماڻي

بيوفا سان پيار کيم کجھہ نہ مليم
زندگي دشوار کيم کجھہ نہ مليم
مون چيري کنهن جي اڳيان دلڙي رکي
رنج و غم اظهار کيم کجھہ نہ مليم

مان رڙهندو اڃان هو سرندو وڃي
مان پڏندو اڃان هو ترندو وڃي
واه واه عشق پي کا عجب آگ آ
مان سڙندو اڃان هو ترندو وڃي

اڄ دنيا ۾ دوست توڙي ياءُ نہ پنهنجو ياءُ آ
ٿيو سحر پي بيسوادو ڪو رهيو ناساءُ آ
ڇا جي الفت ساٿ صحبت راس رغبت آ ڪٿي
اي عزيزن يا يزيدن ڪاڻ گهرو گهاءُ آ

هاڻ ڪنهن ڪي داغ دلڙي مان ڏيڪاريندو وتان
پاڻ تان روئندو وتان ڇو پيار واريندو وتان
مون ڇيو تو ڪين سمجهو ڪير ڪنهن جو آ هِتي
تو ڪيئي پر مان بہ تو سان آب هاريندو وتان

حال دل يار ڪي ٻڌائي نٿو سگهان
جي هو پڇي تہ پو وري لڪائي نٿو سگهان
هر هر ڇوان ٿو هن دفعي ظاهر ڪندس ذرو ذرو
ڇا ڪجي سوز سخن سڻائي نٿو سگهان



هنڙيءَ جو گل

مون نہ ئي دل جي ڏني چاه پريو ڇهرو ڏنم
دم نہ اڃا دير لڳي گهاءُ اندر گهرو ڏنم
آه وفغان ڪيئن ڪيان پاڻ سان اٿم پاڻ ڪئي
لائق لڪي سار لڌي پيار مٿان ڇهرو ڏنم

گوندر ڪين گهٽبا، اهو مون نہ ڄاتو
ڇمر هي نہ ڇڏبا اِهو مون نہ ڄاتو
ڏسي پهر پاڻهي او ساريو ۾ جن ڪي
پڪيءَ پار پٽبا اِهو مون نہ ڄاتو

منهنجي تہ تون ساهن ۾ آن راهن ۾ پو ڇورهان
هر وقت گڏ تون جو رهين تانگهن ۾ پوڇور هان
برحق اها ٻي ڳالهہ آ ظاهر جو هي فاصلو
تخيل ۾ تون آن دُوبدو تاڪُن ۾ پو ڇو رهان

گهٽايو ڪين تو سزا ڏيندي ڏيندي
ٽريو مون تان اجل عزا ٿيندي ٿيندي
سنڀالي مان اگر ڪٽان ها قدم
مگر وقت ويو ٿي قضا ٿيندي ٿيندي

ٿو وفا سان رهي چؤطرف ڇهچٽو
جي جفا ڪو ڪري هر مزو پوڇٽو
تون وفا سا ڪجان داد دشمن بہ ڏي
گر ملي نہ ملي پاڻ پائي پتو

دل ڪي دلاسو ڪنهن نہ ڏنو اٿم
لڇندي ساري رات رُنو اٿم
سنگت مان ڪوپي ساءُ نہ سنبران
جڏهن ڪان دل جو يار چنو اٿم





ڇا ڇا نہ مون ڪيو تنهنجي ڪري
هي هو هٿان ويو تنهنجي ڪري
پرديس ۾ پيي پنهنجو وطن
سمجهي سڏيان پيو تنهنجي ڪري

وٽي ٿو هير جان مون ڪي صبا جو قسم
ڪري جا پاڻ مون سان تنهن وفا جو قسم
وٽي جا يار ٿي مون ڪي ادا تنهنجي من
لڳين ٿو پيارو تون صبح مَصا جو قسم

چڱايون جي تو ۾ آهي پل پُٽي چڏ
چڱو ٿي چڱو ڪر لڱائي لُٽي چڏ
ميان وچ مڪڙ ٿي نہ تو ڪي ٿڏي ڪو
اداعيب عادت مِڙوئي مَٽي ڇڏ



# غزل



سدا سيڪ سانول سهان پر خموش
رڙي روح روئي رهان پر خموش

شب و روز شڪوه شڪايت شديد
چپان چهڪ چوري چوان پر خموش

ڏکايا جي دلدار دردن تي درد
ولوڙين جي ور ور وِهان پر خموش

سوا سرڪ ساقي سُجهي نا سُڪون
پُسيل پلڪ پنهنجو پيان پر خموش

خفا خوب خاضع ۽ خستہ خيال
نمڻ نيڻ ناحق نهان پر خموش

*

مٺا منهن تو موڙي منجهائي ڇڏيو آ
رکي هيئن رقابت رلائي ڇڏيو آ

ڪرڻ تو ڪپي ها وفائي وڏي ڪا
مگر تو وڇوڙو وڌائي ڇڏيو آ

مرڻ ڪان مهانگو جياري جنون ٿو
تڏهن جيءُ جانب جهڪائي ڇڏيو آ

ڇني تو ڇڏي چو رکي يار ياري
سڄڻ سور تنهنجي سڪائي ڇڏيو آ

ڏنو مون ته روئي سنياري صبح سان
ڇوان ڇا ڇري دل ڇڪائي ڇڏيو آ

خبر ناهي خاضع پرين ڇو پري آ
محبت ۾ جنهن من منجهائي ڇڏيو آ

❊





اسان يار جا يار آهيون ٻڌي ڇڏ
نڪي پرت پينار آهيون ٻڌي ڇڏ

نه تنهنجي نه تنهنجي صباحت جي سودا
لهذا نه لاچار آهيون ٻڌي ڇڏ

مڃان ٿو ته محبوب آهين مٺا پر
ڏڪيندين ته پوءِ ڏار آهيون ٻڌي ڇڏ

نه سوسن سمن تون نه موتيو نه مُگرو
اسان گهُور گلزار آهيون ٻڌي ڇڏ

نه تون مشڪ عنبر نه ڪستور خوشبوءِ
بنا بوءِ بيزار آهيون ٻڌي ڇڏ

سڄڻ ساه ڪان وڌ ٿو سمجهان مان تو کي
اصل ڪين اغيار آهيون ٻڌي ڇڏ

هجين گل گلابي هجين گل بدن تون
پوءِ تنهنجا خريدار آهيون ٻڌي ڇڏ

اجا قلب آهي ڪشادو قسم سان
هميشه سي حبدار آهيون ٻڌي ڇڏ

جفائن جي بدلي خفا ٿي به خاضع
وري پي وفادار آهيون ٻڌي ڇڏ

❊

هميشہ هجي تو بقا اي بالا
ڏسي ڏيل تنهنجو جيئن ٿا جيالا

خدا توکي خلقي کيو راس کيڏو
بدن پي بلا جو اڏوات بہ عاليٰ

سراسر سهن ٿا عجب چشم ابرو
ڊگها پلڪ پيڪان نہ نرتئون نرالا

نمي نوڪ نڪڙو چَتون ڇهنب پايان
ڪيو ناز نٿ پي لڏي ساڻ لالا

ڏنم ڏند موتي چپن کي چوان چا
صدف جي سراسر ڪو دردان دوبالا

ڪنن ڪور ڪاني ڳتي آهي ڳهڙن
جچن جام جهومڪ وٽن خوب والا

ڪري زلف زهري ڏنو آب داٽو
هلن ڪين هاٽي نڙي ڪان نوالا





حلق هار پائي يا ڪنمال ڪائي
وٽن زيب زيور چا جانب جمالا

پلي ٻانهہ ٻُرسان ٻٽو جوڙ ٻانهين
ڪيان مان بيان چا هجن ڪي حوالا

مِٽي خوبروءِ جو پسينو بہ خوشبوءِ
نٿو مشڪ عنبر ملي تنهن مثالا

سراپا تون سهڻو بنا عيب آهين
صفت صاف سهڻي تي لکجن مقالا

زماني ۾ دلدار نہ ٻيو ڪو ڏٺو مون
ڪسي دل جو خاضع ۽ ڏي طاق تالا

❊

هلي جام تو هت هتائي جو سودو
وکر واڪ تي آ وڏائي جو سودو

ديانت دنيا مان ڪيو ڪوچ ڪيڏانهن
پکان پک پري تو چوپيائي جو سودو

ڏسي مال مفتي وڏي تو واپاري
سمر صاف ناهي صفائي جو سودو

دڪانن تي دانهون پڏان روز پيلي
مهانگو جو آهي مدائي جو سودو

ڪُدورت سان ڪوتا پريا پيٽ پائو
نمايان آ نفرت نمائي جو سودو

تي هر شيءِ جهان ۾ وڪامي يقيناً
ڪٿي يار ڪونهي سچائي جو سوود

ڏيو داپ ڏڙڪا بهاڪن پليري
اگهن ڪاڻ اوسر آ ڏائي جو سودو

وريو توڪ وڪڻن چروري ۾ چاهي
رهي ريزڪي تو رُڪائي جو سودو

ڪپي خام خاصو وکر تو وچي سپ
تهان پوءِ بہ پڄري نہ پائي جو سودو

هِتي دين و دنيا ڏرم ڏوڙ آهي
ڪٽي ڪونہ خاضع خدائي جو سودو

❊





تو اڪڙيون اکن سان ملائي ڏنو تي
نهاري محبت سان مون کي ڪنو تي

جڏهن دور ويئن تي تہ اکڙيون رنيون تي
لڳو ايئن تہ ڪو وڏ ڦڙو جڻ وٺو تي

ڪڏهن دوري تنهنجي قبولي مون ڪانهي
مگر سور مجبور تي دل سنو تي

محبت بکيرڻ لئہ ڪيئن تيا مخالف
مگر دل سندو گهر نہ ڪنهن کان ڊنو تي

ڊڄان ڪين تو مان جي دشمن اسان جا
ڊنس تي تہ اُن کان جو مون کان رُنو تي

رُسڻ تون چڏي ڏي خدن ڏي ڪلي اچ
زماني ۾ هر پل منو تي سنو تي

❊

ڇُھڻ سان تون منھنجي ٿو چرڪين سدائين
ڏيو پر بيھان پوءِ بہ سرڪين سدائين

پري ڪان بہ مون تي جي اکڙي پَوَئي ٿي
ڪيو پير پويان ٿو ترڪين سدائين

ڏنل يار تنھنجا نہ ڦٽڙا ڇٽن ٿا
ٻيٽو زھر تن تي ٿو ٻرڪين سدائين

ڏکيو وقت ڏاڍو گذاريان ٿو يارا
ڏسي مون کي مجبور مرڪين سدائين

خدن دل جي بدلي نہ دل پي ڏني تو
ڪسي دل تون پوپي ٿو ڪرڪين سدائين

❊





ڪري پيار پيارا وسارين نہ ھا تون
محبت جي بدلي مون مارين نہ ھا تون

اڇي سامھون خود کي سينگاري لڪين ٿو
سڄڻ اھڙي طرح جيارين نہ ھا تون

مون لئہ يار تون پي تہ بيوس لڳين ٿو
ستل پيار کي ايئن اُپارين نہ ھا تون

محبت ۾ ڏکڙو ڏنئي دور ٿي ڇو
متا اھڙي دلڙي تہ ڏارين نہ ھا تون

رھان منتظر تون ضرور ايندين ھيڪر
محبت جي دگ تي بيھارين نہ ھا تون

❊

ڪيم تو سين الفت نڀائي نہ توئي
صدا دل جي ڪڏهن ڪنائي نہ توئي

چڏي تو ڏنو آ صفا غير چاٽي
ڪيئي ڪين پنهنجو رَهائي نہ توئي

متي مرڪ تنهنجي ڪيو مون ڪي موهت
ڪري ناز وڪڙي وڏائي نہ توئي

صلي ۾ وفا جي جفا تو تہ ڪئي آ
رسي ايئن عداوت گهٽائي نہ توئي

هيءَ نادان دلڙي پلي آسري ۾
ڪسي دل خدن جي ورائي نہ توئي

❊





اجا پيو ٻري من، وساٽو تہ ناهي
ڪڏهن پيار ٿيندو، پراٽو تہ ناهي

پلي دل چڏي تو چو آهي اسان ڪان
ڪٿي من ڪو تنهنجو وڪاٽو تہ ناهي

سين سان ملي ٿو ملهائين تون خوشيون
اسان لئہ اندر تو اُٻاٽو تہ ناهي

ڏنا روز دل ڪي مون ڏڪندي دلاسا
اِجهو يار ايندو اياٽو تہ ناهي

ڪري بس بنهہ تون چو ويهي رهيو آن
اڏيو تو ڪو ايڏهن اڏاٽو تہ ناهي

اچو درد پنهنجو ٿو هر ڪو سڻائي
نٿو هو سڻائي سياٽو تہ ناهي

خدن محب ماٺهو ملن ٿا هزارين
مگر روح تن سان ريجهاٽو تہ ناهي

❊

وري ڇهڪ دل جا هي چوري ڇڏيا تو
ستل سور سيني جا سوري ڇڏيا تو

اڃا داغ دل جا مون مس مس ها ڌوتا
وري شوخ ٿي سي ئي جهوري ڇڏيا تو

خوابن ۾ جوڙيم وڏا محل تو لئه
مگر دُور ٿي سي به پوري ڇڏيا تو

کلنديون خدن تان اڃا يار ڪيڏو
چني ماس انگڙا ته ڪوري ڇڏيا تو

❊





گهٽايو تو ڪونهي سزا ڏيندي ڏيندي
رڳو رهجي وئي آ عزا ڏيندي ڏيندي

وسارڻ هو آسان صفا محب توکي
مون ويل وئي سا قضا ٽيندي ٽيندي

وڃان ڪاش ها پاڻ کي مان سنڀالي
مٺا محب تو کان جدا ٽيندي ٽيندي

ستمگر ستائي نه ٿي دُور مون کان
اڃان پيو وڌائين ايذا ڏيندي ڏيندي

جفا تو ڏني آ وفا جي صلي ۾
خدن کي ته ڏي کا جزا ڏيندي ڏيندي

❊

پراون کي پنهنجو ڪري ڪين سگهبو
پيڳي ٿانو بر کي ڀري ڪين سگهبو

هتي حال پائي ڪو همدرد ناهي
ڏندن سان هي ڏونگر ڏري ڪين سگهبو

جڏهن پي ڪا جيءَ سان هجي جنگ جاري
زماني ڏي توجهه ڌري ڪين سگهبو

بلائي بي درمان پوي ڪوءِ خاضع
تجاوز سان تنهن کي تري ڪين سگهبو

❊





سڄڻ سونهن وارا سنو ٿو لڳين تون
ملين ٿو ته منڙا منو ٿو لڳين تون

ڏٺا مون به آهن پرين خوبصورت
مگر چنڊ ڪان پي چٽو ٿو لڳين تون

جتي پي هجين من سلامت هجين شل
خبر ناهي چو مون سنو ٿو لڳين تون

متا پي ڪڙا پي زماني ۾ خاضع
متا محب منڙا منو ٿو لڳين تون

❊

ادب علم کي تون نہ پڙهجان اڌورو
ڪجان فڪر پورو عمل پڻ سمورو

مٺا لفظ هڪڙو جتي معنيٰ خيز آ
اُتي اُن کي اهڙو سبق سمجهہ پورو

جي تهذيب ناهي تہ تعليم ڇا جي
جهالت عدم ٿي اگر علم آ پورو

عجب ڪائنات آ جيئڻ آهي ڏکيو
پڇاڙي ٿي عامل کي دنيا ٿي ڪوور

علم آهي بلڪل ازل کان ئي عاليٰ
فڪر ڪر عمل ڪر پوءِ وٺ تون اُجورو

❊





ڪاش تنهنجو هجان محب مطلوب من
تون بہ منهنجو هجين يار محبوب من

تو ڪري چاق دل منهنجي ناهي ڏني
تون رهين ٿو سدا محب مقروب من

مون تہ تو کان ڪڏهن ڪين پاسو ڪيو
تنهنجي دُوري صنم مون لئہ مضروب من

دلربا دل خفا ٿي رهي تو بنا
تنهنجي آمد هجي هر سمئي خوب من

آن حسين جيترو اوترو پيار ڪر
مان بہ تو سان سدا ٿيان ڪو منسوب من

عشق يا وَر هجي مست منڙو رهي
يار جانان خدن ڪر ڪو مجذوب من

❊

آ گلي مل صنم يار يارن جئان
ڪر نہ ضد تون مٺا هاڻ ٻارن جئان

دل تہ آهي ٻڌل پيار ۾ يار مون
دل تہ تو سان جڙي آهي وارن جئان

ڳل گلابي تہ گل وانگي امرت لڳن
ٿو جڏهن مان چمان يار پيارن جئان

تون اگر گل هجين واس هر پل وٺان
مان حفاظت ڪيان تنهنجي خارن جئان

اڳ خدن تو سوا مان اڪيلو هُيس
چنبڙ تو لئہ جئان ٿو مان تارن جئان

❊





يار منهنجا پرين مون ڏي ايندو تہ ڪر
ٿورڙو يا گهڻو پيار ڏيندو تہ ڪر

پيار تنهنجو سچ‌ڻ چڻ سهارو اٿم
زندگي ڪي سنوارڻ لئہ ايندو تہ ڪر

غمگساري ڪري چو پري ٿو رهين
دانهن دل جي ٻڌڻ لئہ سڏيندو تہ ڪر

ڇڏ زمانو مفادن جي ڪاڻ آ خدن
خير خواه آهين تون يار ايندو تہ ڪر

❊

رکي هن شوخ جي شاني تي هنڙو تون نہ هل هاڻي
نہ ڪوئي تون ڪٿي پهچين نہ ڪوئي هو جڳهہ ماڻي

ڏنا ڪنهن ڪين هوندا هِت ڏنا ٻيرن کي ٻير آهن
اجايو وڃ کي ڏوڻي پيو رڳو پلڙائي پيو چاڻي

نہ ڪوئي سور فرقت جو ڪٿي سگهيو زماني ۾
فراق غِم اگر ڪوئي ٻڌائي ڪين ٿو پاڙهي

اندر جو حال ۽ احوال ڪنهن سان مان ويهي اوريان
خدن ڪيڏو جلي ٿو من رڳو منهنجو خدا ڄاڻي

❊





نظر ڪٽي نهاريم تہ سامهون منهنجي هو صنم
وسڻ اکن ڇڏي ڏنو ۽ خشڪ ٿيا مون نيڻ نم

رُسي ويو تہ رات هئي، صُلح ٿيو تہ رات وئي
عجب هئي رات درد جي مگر اسان تي ٿيو ڪرم

ڏسي ادا فدا ٿيان جدا رهي نہ مان جئان
پري جڏهن پِرن ڪيو ساه سان ٿيو ستم

جدا ڪري نہ جهور جان رُسڻ سدا نہ آروا
اڳي تہ تو ڪيو ستم نہ هاڻ ڏج ڪو درد غم

رکي آ تو نپائجان ڇني نہ تون ڇڏي ڏجان
وري جي تو ڏڪاريو تہ چين ويندو ٿي عدم

سڪي سڏي ڇُهي ڇڏي ڪيو مون کي قريب تر
دِلان انهيءَ ڏڪاريو اهو روا نہ هو ستم

خطا خدن جي ڪئي بہ آ تہ حاضر آ سزا جي لئہ
وفا صلي اي دلربا پلي ڪيو هي سر قلم

❊

اڃا نٿو اچين سڄڻ بهار ڀي ويو هليو
هري هري حيات جو نکار ڀي ويو هليو

هوا هلي صفا تکي مگر خدا ڪرم ڪيو
نہ دز رهي دگن مٿي غبار ڀي ويو هَليو

شريڪ بزم بيوفا نہ تو ڪيو تہ ڇا ٿي پيو
اسان جو اهڙي بزم ۾ شمار ڀي ويو هليو

خزان خدن کلي ڏنو رئان رڳو تہ مان ئي پيو
اگر ڪو غم اٿم تہ غم گسار ڀي ويو هليو

❊





گر ڪو کلي پل خوب تر تنهنجو کلڻ سنڙو لڳو
سهڻا ملن چگڙا لڳن تنهنجو ملڻ سنڙو لڳو

تنهنجو هلڻ اهڙو هلڻ جهڙو ٽلڻ آ ڊيل جو
هرڙي هلين تکڙيو هلين تنهنجو هلڻ سنڙو لڳو

پل گُهور پيو پائي پرين مون ڏي ڏنئي نظرون کٽي
پنهنجو قسم تنهنجو اهو گهوري ڏسڻ سنڙو لڳو

تنهنجو ٻڌان جاتي جتي ڪاهيو اچان مان ٿو اُتي
هر شيءِ ڇڏي هتڙي هُتي تو ڏي اچڻ سنڙو لڳو

ڇو سرڪندو ويتر وڃي ويجهو اچي ويهي وري
پو ڀي پرين انگڙن کي ايئن ساهي سرڻ سنڙو لڳو

ڇڏ ڏاريان پنهنجا خدن تو کي نٿا مون سان سهن
محفل ۾ تن جي سامهان تنهنجو هجڻ سنڙو لڳو

❊

اهڙو تہ تون دلبر اصل، سهڻو گلابي آهين گل
رُوپو رُتو احمر اُتو، سهڻو سدا آهين سڦل

سوسن سمن مُگرو مگن، بهتر نہ تنهنجو آ بدل
نرگس نکي سورج مکي، کيئن کووڙي توبن ڪنول

ونگڙو وجهي مکڙي پڌي، خوشبوءِ پکيڙي آ تو کُل
گلزار آ باغ و صحن، هر جا پڌو آهي هي هُل

تنهنجي نہ کو منهڙي مثل، بلکل گلابي آهين گل
ڪُوڪُوڪري ڪوئل وري، بلبل هٽي بيشڪ بغل

ماکي مکي چاسئون کي، اُسرين نٿو دلبر اصل
منهڙو مٺو مون چو ڏنو، وسري ويو آهيم کُل

لرزان لُڇان ڪجهہ پيي ڪڇان، ڪوئل جئان آهيان ڪٺل
خاضع جڏهن تو کي ڏسان، اُڏريو وڃي منهنجو عقل

❊





اي صبا چئجان وڃي تون منهنجي پيارن کي ڏسي
ساه ساري ٿو سکان مان قدر وارن کي ڏسي

محب ناهي مون هِتي تو کان سوا آرام کو
روز روئي رات گهاريان چنڊ تارن کي ڏسي

جو چوان ٿو سو سراسر يار کي پهچائجان
دل جلي ٿي هاڻ هت باغن بهارن کي ڏسي

منتظر ٿي يار سانده راه تنهنجي پيو ڏسان
مان وهايان نير نيڻي ره گذارن کي ڏسي

دل لڳي جو قدر کونهي موت چڻ ٿيو پيار جو
دل جلي ٿي يار خاضع سوڳوارن کي ڏسي

❊

آه زاري بيقراري تات طاري ڇو اٿم
يار ياري ڪانهہ پاري پو بہ پياري ڇو اٿم

چار چاڻي پو بہ پاڻهي وار واڻي مون چڙيا
جار جاري وره واري نت نياري ڇو اٿم

هون بہ هاڻي تيغ تاڻي ڇوه ڇاڻي ڇا ڪبو
ڪج ڪتاري قتل واري اُف اُلاري ڇو اٿم

گهور گهاڻي عرق آڻي دل جي داڻي مان ڪييو
ڳاه ڳاري ماڳ ماري دل ويچاري ڇو اٿم

راز راڻي موج ماڻي نينهن ناڻي پي ڏنو
پوءِ بہ هاري ساک ساري دل ڏکاري ڇو اٿم

ساه ساڻي اڄ اباڻي موجماڻي عيد ڪئي
ڄام آري دل ويچاري خاضع هاري ڇو اٿم

❊





محبوب جي ملڻ لئہ هت ساه مون سڪي ٿو
ڄاڻي خدا ڇو مون کان لهرائي ۾ لڪي ٿو

ڏينهن پڇاڻان ديدون ٿيون يار ڪي ڏسن هِت
ليڪن هو غير سمجهي مون ڏي نہ پل تڪي ٿو

ڪهڙو ڪندي طيبا دارون تون درد دل جو
جيئن ٿو دوا ڪرين تون تيئن درد دل ڇڪي ٿو

احوال منهنجو ان کي پيو ڪيئن پڌائي اهڙو
اوريم جو ڪين ڪنهن سان سو درد دل ڏکي ٿو

حيلا ڪيم هزارين مليو نہ يار مون کي
طالب خدن ٿي هر پل راهون سندس تڪي ٿو

❊

آ انتظار جنهن جو تنهن يار کي ڇڏي ڏي
جو پيار پيار ناهي تنهن پِيار کي ڇڏي ڏي

سر تي سهين پيو سختيون چاهت ۾ يار جي تون
جنهن تي اثر ڪو ناهي تنهن يار کي ڇڏي ڏي

تيرن کان تيز طعنيٰ غيرن جي آڏو ڏي جو
بيدرد بي مروت دلدار کي ڇڏي ڏي

هر جائي جي شڪايت ڪنهن کي پلا تون ڏيندين
هر هڪ گلو سجائي تنهن هار کي ڇڏي ڏي

مشڪل خدن ملي ٿي الفت صلي وفائي
خود عرض ۽ فريبي سنسار کي ڇڏي ڏي

❊





جنجال تنهن لئہ دنيا، جرئت نثور کي جو
حاصل ڪندو ڇا يارو، حريت نثور کي جو

پل پل جو پاسو پلٽي عاقل سو يار ناهي
الفت وفا کي پر کي رغبت نثور کي جو

اصراف ڇڏ بخل ڇڏ اختيار ڪر ڪفايت
بي سمجهہ آسو اهڙي عادت نثور کي جو

دشمن نظر ۾ رکجي يارن کي يار سمجهي
انسان نہ آهي اهڙي فطرت نثور کي جو

الفت آعين امانت، دل اُن جي ٿجوڙي
ماڻهو نہ ٿيو سو ماڻهون الفت نثور کي جو

❊

ڏس داغدار دل تون حبدار يار ڪونهي
دانهين متان تون در در غمخوار يار ڪونهي

بدمست بي اثر دل مسرور ڇو ٿي آهين
ساري جهان کي ڇاڻيم، ڳڻدار يار ڪونهي

ڇڏ هور ڪور دلڙي ڦٽ ياد ٿي چڪائين
سڪ سوز ڪم نه ايندي ٽپنار يار ڪونهي

لبگور آن تون بيشڪ پريار مرگ ويلي
هت سوڳوار ڏس ڪو دلدار يار ڪونهي

مطلوب کي هميشه مون گل هو سمجهو خاضع
ليڪن هو خار نڪتو گلزار يار ڪونهي

❊





تقدير کي ڪيان ڇا تدبير ڪم نٿي ڏي
بهلائي دل ٿي صورت تصوير ڪم نٿي ڏي

هر نفس ۾ پئي پنهنجو گمنام يار ڳوليم
هڪ شخص کي ڏنم پر تسخير ڪم نٿي ڏي

منظور هو ڪيو مون هر خواب کي خوشي سان
افسوس آ انهيءَ لئه تعبير ڪم نٿي ڏي

تدبير ٿي سنواري تقدير جي شڪل کي
جاذب نظر ڇا ٿيندي تدبير ڪم نٿي ڏي

اقرار هنجنو مبهم، انڪار ٿو لڳي ڇڙ
اظهار ٿيو نه افشان تشهير ڪم نٿي ڏي

مقصود آهي اُن کي دل درد ڪو به مون لئه
بس يار کي خدن پيي تقصير ڪم نٿي ڏي

❊

مَنَ ماس پاڻ منهنجو ڪوري ڏسين ها جيڪر
ڪا دانهن ڪين ٿئي ها جهوري ڏسين ها جيڪر

هڪڙو دفعو ئي مون سان جيڪر ڪٽي ملين ها
تون حال پيي پڇين ها اوري ڏسين ها جيڪر

گروي بنائي دلڙي تو ڏي رکي ڇڏي ٿم
سا تون جي سون وانگر توري ڏسين ها جيڪر

خاموش ٿي خدن تون ويهي رهئين اجايو
پيرا ڪٽي پرين ڪي ڏوري ڏسين ها جيڪر

❊





هن يار بيوفا ڪان، آ هاڻ بس اسان جي
ملبو نہ هاڻ اُن سان ڇڪتاڻ بس اسان جي

ارمان پو بہ تنهنجو سڪ سان سمهڻ نہ ڏيندو
دل زار زار روئندي پر پاڻ بس اسان جي

ڪو حال زار دل جو اُن سان وري نہ ونڊيو
سڪ سوز ۾ اجائي واڪاڻ بس اسان جي

مغموم ڏاڍو ماڻهن هر پل ڪيو آ دل کي
ڇا مان چوان خدن کي ڇاڪاڻ بس اسان جي

❊

ٿو پيار خار بڻجي چڀندو رهي اجا
دل ۾ هي درد بڻجي دکندو رهي اجا

هر صبح شام سانجهي نئي رات جو پهر
ڪنهن ڪاڻ جي، جاني جهرندو رهي اجا

ڪنهن موڙ تي مليو ٿي محبوب ڪا گهڙي
تنهن راهه روح منهنجو رُلندو رهي اجا

ارمان يار تي ٿم الفت نه سمجهي هُن
ٿي بره درد دل جو دُکندو رهي اجان

بس ياد ٿي پوي ڪا سخن و سخا خدن
چپ چاپ سور پيي چرندور هي اجا

❊





ويندين نه مون وسارج دلدار يار تون
منهنڙو وري ڏيکارج دلدار يار تون

پهرين ڪڏهن نه ڪو پل تو ڪان پري رَهيس
سو پيي ته ڏيان ڏارج دلدار يار تون

وسري وجي نه تو کي عهدو پيمان صنم
پنهنجو ته قول پارج دلدار يار تون

هر روز راه تنهنجي اکڙيون پيون ڏسن
واڳون سڄڻ ڪي وارج دلدار يار تون

سڪ سوز سور دلڙي سهندي ڪٿان خدن
ماندي ڪري نمارج دلدار يار تون

❊

صـفـا ڏيـهـ مـان ويـو آ ڏڏڙو لـڏي
چيپان چانهـ سان ٿو مان روٽي گڏي

ولـوڙيـو ٿـي هـر ويـڙهـي ڏنـئـورو دهـي
ڏنئون ڏڏ مکڻ پڻ گهرجي جن مهي
مـگـر مـفـت هـاٽـي چـڏن ٿـا ٿـڏي

پـٽـاٽـن جي سـپ کـنهـن خـبـر آه بادي
مروٽو وجهي ٿو جنهن گوبي کاڏي
اجـا گـيـس وانگـڻ کـيـو آ وڏي

نـ ذٽ ساڳ ڏونـئـرو ملـي ٿـو هِـتـي
لـلـر چـانـيو لـوٽـڪ مـلـيـرو کـٿـي
سـکـان چونـ ساوڪ سندي کڻ کـڏي

گـوار ۽ گـجـر پـڻ گـهـٽـو گـوگـڙو
تـون وٿ بـيـهـ پـالـڪ کـريـلـو کـڙو
کـدو مـيـٿـي تـوري ٿـي مـسـکـيـن ڏي

مـچـي آ مـهـانـگـي مـهـانـگـو پـلـو
نـ مـرغـي آسـسـتـي نـ کـي ٻـاکـرو
اِهـو وات وڏڙي چـوان ٿـو سـڏي

خـدن دال ڏوتـل مـسـور ۽ چـٽـا
انـهـن سـان گـڏي کـاءُ مـتـر پـڻ گـهـٽـا
لـٿـو کـم يـقـيـنـا جـي کـاڏو جـڏي

*







# گيت



# وائون

تو تہ دل تان سچڻ آ وساري ڇڏيو
ياد تنھنجي ۾ خود کي ٻاري ڇڏيو

ياد توکي ڪيو يار مون ھر گھڙي
تو لڌيءَ سار منھنجي نہ ڪائي لڙي
رڳو مون ڪان پري تو گذاري ڇڏيو

حال ھيٺو سڄڻ يار ٻڌ تون اچي
ڳالھہ تو سان صفا مان سلندس سچي
درد دل جي اٿم رت رئاري ڇڏيو

ڪاڻ تنھنجي خدن ڪيئن خدا جا ولي
خاص پيتيا پڳل پير پيادو ھلي
جن ڪان تو کي گھريم تن ٻہ واري ڇڏيو

❊





دانھن ڪنھن کي ڏجي بيوفا يار جي
ڪرب جي طِرب جي جيت جي ھار جي

ھاڻ دل يار جي ٿي پرائي لڳي
ڪاڻ ڪنھن جي سڄڻ ڇو ٿي مون کي ٺڳي
آ ھي دلڙي رھي ڪنھن نہ ڪم ڪار جي

يار ٻڌ ڇو پيلا مون مجي آڻ ھئي
يار تنھنجي ڪري پاڻ سان پاڻ ڪئي
ڳالھہ ڪھڙي ڪجي اھڙي لاچار جي

زندگي دل لڳي جو نالو آ خدن
آھي دل کي تہ گھائي ڇڏيو گلبدن
سھپ ڪانھي رھي ھاڻ ھڪ وار جي

❊

درشن ڪرائي ڪڏهين پاسي نقاب ٿيندو
مون سان ملڻ لئہ دلبر ڪهڙو حجاب ٿيندو

هڪڙي گهڙي بہ هاڻي ٿي پهر آه مون لئہ
نخرو حجاب تنهنجو ٿيو مهر آه مون لئہ
دل سوڳوار ٿيندي جي اجتناب ٿيندو

اکڙيون ڪٽي هي تو ڏي بيٺو ڏسي نماڻو
وصلت جي وار وائي من تو سين آ ريجهاڻو
گلزار ٿيندو گلشن من گل گلاب ٿيندو

رُخ تان نقاب لاهي پردو پري ڪري ڇڏ
احسان هي خدن تي سهڻا صنم ڪري ڇڏ
هڪ ديد جي پوڻ سان سينو سيراب ٿيندو

❊






دلدار يار ڇو ٿو ايڏي دغا ڪرين
پيو بار بار مون سان جاڙون جفا ڪرين

هر وقت روج راڙو ڪُوڪون ڪيون اٿم
دک درد دل جون ڳالهيون توکي ڇيون اٿم
پوءِ پيي نٿو اجا تون مون سان وفا ڪرين

ڏهہ ڏوهہ ڏيان پيري جي منهنجي خطا هجي
کهڙي بہ ڪا شڪايت تون پل ٻڌا هجي
سامهون ويهي جي ساڻول ڳالهيون صفا ڪرين

سر ساه تو تہ منهنجو قابو ڪري ڇڏيو
مت عقل سپ ڦري تو موڳو ڪري ڇڏيو
مدت ڪان تون خدن تي پيو ٿو جفا ڪرين

❊

او پري او پري منتار ٿو رهي
دلدار ٿو رهي شل ڪاهو سار لهي

مون ڏئي يار کي آهي جو دل ڇڏي، آهي جو دل ڇڏي
وفا توڙي جفا ڪري جا هو ڪري سا دل سهي
شل ڪا هو سار لهي

گهور ٻايو هر گهڙي ڏاڍ سان هو ڏسي ڏاڍ سان هو ڏسي
ڇا ڪريان هاڻ ٿو، سهڻو مون سڀ پوي
شل ڪا هو سار لهي

خوامخواه تو خدن دل اڙائي درد ۾، دل اڙائي درد ۾
جڏهن ڪڏهن جيءَ سان ڇا وهيو ڇا وهي
شل ڪا هو سار لهي





ڇوڙي وارنہ ڇڏ، او سائين
ڇوڙي وار نہ ڇڏ
وات پڪل ٿئي ماڻهو هڻندا نظرون تنهنجي هڏ
او سائين ڇوڙي وار نہ ڇڏ

پل نہ پري ٿي مون کان پيارل
دم ٿو نڪري دور او سانول
اوري اچ تون آڏانئون اڏ
او سائين ڇوڙي وار نہ ڇڏ

تنهنجي دوري آهي اوکي
مات مٿي ۾ محبت موکي
سانول سهڻا سرتئون سڏ
او سائين ڇوڙي وار نہ ڇڏ

دوست اهي دلبر دلڙي موهي
هيڪر اچ تون دل پئي روئي
دلبر دوريءَ کي تون تڏ
او سائين ڇوڙي وار نہ ڇڏ

وسي ٿي ٻوند ٻهار اڇين وڻين تون ڏولڻا، مٿيون ٻوليون ٻولڻا
وسي ٿي ٻوند ٻهار

جيءُ چوي ٿو جهمريون پايان، جهمريون پايان رنگ رچايان
ڳايان تہ ٻيو ملهار

سانول ٻڌائو سڄڻا تہ هوندا سور سڄڻ ۾ سڄڻا تہ هوندا
ٻڌين ٿو پرت پڪار

آهن اُفق تي ٻادل ٻاقي، ٻادل ٻرسن سُرڪيو ساقي
خدن ڪي آهي خمار





منهنجا پرين جان جگر ايڏو تہ ايئن پاسو نہ ڪر
دل ٿي چوي آغوش ۾ منهنجي هجين شام و سحر

هِنڙي هُتي ڊوڙان ڊڪان ليڪن نہ مان تو ڪي لهان
تنهنجو پڇان هر راه بر

داتا اڇي در تو ڏٽي هر هر چيم منڙا ڪٽي
مولا ڏي مون ڪي هم سفر

تنهنجو ٻڌان جائي جتي پل ۾ اچيو پهچان اُتي
ليڪين نہ ٿيو تو ڏي قدر

مان جو ڏسان تنهنجو دهن مهڪيو پوي دل جو صحن
خود ڪان بنائي بيخبر

سهٽي سڄڻ خاطر خدن ڇاٽي ڪيا مون پي جتن
شل محب تي ٿئي ڪو اثر

محب اکيون تہ پٺ، ڦٽ نہ منهنجا ڦٽ
گھٽ ۾ گھٽ

چاق تو ئي ڪيا، سنڌڙا ايئن نہ سٽ
گھٽ ۾ گھٽ

سک سبق پيار جو شب وِهائي نہ رٽ
گھٽ ۾ گھٽ

پھر پيارا پرين ڪي اسان سان بہ ڪٽ
گھٽ ۾ گھٽ

سور سهبا سيئي پر مَڏي ٿئي سامٽ
گھٽ ۾ گھٽ

دل خدن ويو ڪسي سا ورائي تون ڪٽ
گھٽ ۾ گھٽ





وار ونگا جي وارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو
جيئن ئي يار نهارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو

سر مون سرخي سينڌ سجائين، چنڊ چوڏهين جو پاڻ چوائين
سهڻا پاڻ سينگارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو

واهواه تو ڪي سونهن واليون، ڪنهن سان ڪريان تنهنجون ڳالهيون
اکڙيون منهنجون تہ ٺارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو

جھومڪ تو ڪي بيشڪ جهرڪن، هر ڪنهن جون پيون دليون هر ڪن
خلق ائين تون تہ ڪارين ٿو مون ڪي مارين ٿو

بينر بولو بينيءَ پاتئي ڪنهن جي لئہ هي ڇپيون ڇاتئي
ٻارڻ ٻيلي تون ٻارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو

چاندي جهڙيون چندن چوڙيون، ٻهہ ٻهہ ٻهڪن ٻانهن جهوڙيون
سيريو جن ڪي سنوارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو

ڳلڙي پائين ڳهڙا ڳولي، راهہ ويندن ڪي راه ۾ رولي
واٽن تي ئي ويهارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو

پٽ پوشاڪون انگ تي اوڙين خاضع دل تي نيزا ڪوڙين
او نهال سيلهہ اٽارين ٿو، مون ڪي مارين ٿو

(ختم شد)

# ابيات

## (حاجي عبدالحيات هاليپوٽو)

عاشق قوت آهي راحت روح رهاڻ
ٻڌن نہ سٽن پوڙآ ڪنهن جي نہ ڪيڻ ڪاڻ
حقيقت ۾ حال جو سمر ڪٽج ساڻ
پسي موج مجاز جي طلب طريقن تاڻ
عاجز پلي ماڻ شاهي شان شريعت جو

عشق مجاز آ ڄڻ سامونڊي سفر
گهڙي اِن گهيڙ ۾ تارُن جيئن تر
سانگو نہ ڪر ساه جو وره ونڊر ڪر
هجر ۾ حبيب جي جال وهائي جر
عاجز پانئج نہ پر اُنهون اٿئي عميق ۾

محبتي ميدان ۾ عاشق روئن زارو زار
ڪڙو ڪنجي نہ ڪلف ڪُليو عجب اسرار
پچي پتنگ وانگر ڪر پرين جي پچار
تہ عشق ٿئي آڏار محب ملي تو محبتي

عشق اصل آه سندو سورن سمر
حال وڃائي حال ۾ ڏکن ڪي تون ڏر
ڪيڏي ڪچ ڪوڙ ڪي ڏوئي ڇڏ اندر
تہ ٿئين تون امر عاجز اُجري عشق ۾






خيال خفي ۾ نفي ٿي آيو نينهن
اثباتي آثار ۾ وسي سانوڻ مينهن
هيڪڙائي هيڪ ٿي رُجوع رات ڏينهن
تہ شافعي شينهن عارو ڪندو عاجز تي

جنهن کي سڪ يار جي سدا روئي رت ڦڙا
گهاري تان نہ گذرڻ دکي سندا ڏينهڙا
مرهجي عمرڪوٽ ۾ توڙي هجن ڪوٽ ڪڙا
عاجز عاشق اهڙا، رلندي ڏٺم رڻ ۾

عاشقن کي اوجهر ڏس اوجاگو اکڙين
محبت جن جي من ۾ رات و ڏينهن روئن
سي سڪ ڪين سمهن جن پڙهيو باب بره جو

عاشقن کي آهين شيشا شرابن جا
ڏسو مومجاز جا پُر ڪري پين
عاجز سان حساب جي طلب تانگهہ نہ ڪن
محبت من ۾ جن سي اڻ ميائي اوجرا

وٺ راه رباني لکي ڪر ذڪر ذاتي
طمع کي ترڪ ڪر صفت ڪر صفاتي
اصل ڪنئون عاجز جي عشق ۾ دل آ آتي
لالن لنئون لاتي اچي سامهون ساڻ جي

جي هجين عاشق تہ ٽپي پئو منجهہ آڙاه
پتنگ ٿي پچي ڪر صدقو ساه پساه
قربان ٿي قلوب سان ڏي محبن کي ماه
قبولي هو الله سچائي ڏسي تو سپرين

مرد ٿي ميدان ۾ قابو جهلي ڪِير
سوره ٿي سر ڏي ثابت رکج سِير
عاجز ڪڻ شمشير ڪوڏئون ڪڏي قربان ٿي

مرڻ کان اڳي مر مري مات نہ ٿين مورهين
ڪيڏي جن ڪدورت تن ڏي آيو نيهن نر
چڏي لاڳ لوڪ جا وٺ مالڪ جو در
ڪم نہ ايندي ار، عاجز چئي عشق مان





طمع لوڀ لالچ پڙهيا حريصن پنا
هزارين هوس ۾، ٿيا عام آڏو ڪنا
اُهي اصل نہ پُنا محبت سندي ماڳ ڏي

جي ها قول ڪيام سي مون نہ پاريا
سوين سال سوال ٿيا اتوبي ٻول
امڙ وانگي هنجهہ لئہ ڪر ٽڪر ٽتول
ڳجهي ڳالهہ ڳول تہ ملين ماروئڙن کي

تون آهين تون هوندين تون هي تون يا ربّ
باقي نہ بچي توري ڳُجهہ اندر ڪو ڳپ
عاجز ملائي محب لڪ لنگهائج لطف سان

ڪين آهين ڪين هوندين ڪين تنهنجا ڪم
گهڙي هوندين وري ويندين چڏي هي چم
پرچائي پرين کي دم ۾ ڏئي دم
ناه ٿي نم عاجز تون عجز سان

سڪ جن جو ساه پري پنڌ نہ تن ڪي
وحده لا شريڪ لہ شاهي شهنشاه
ٻانهي هن عاجز تي نرتئون ڪر نگاهہ
تہ هلي انهي راهہ پچان محبوبن ڪي

ذات سڏائين اُجري اُوچي ناهي ذات
واحد ڪي وٽن سي جن ڏاتر ڏني ڏات
فزڪروني اذڪر ڪم وائي جن جي وات
طلب پرين تات اُجرو ڪيو عاجز ڪي

ڪڍ ٻيائي ڪر صفائي تون طلب رک تن
ملندا سي محبوبن ڪي دغا ڪڍي جن
طمع ڪي ترڪ ڪري نفي مان نڪرن
عاجز تن من آيا جي اثبات ۾

سندرو ٻڌ سچ جو توکي روڪ نہ جهل
پڪاريندو وت پرين ڪي پاسي ٿي نہ پل
ڏکي منزل مجاز جي تون هوري هوري هل
عاجز ڪا اڳتي جي آهي ڪنهن ڪي ڪل
رڳو هٿ نہ مل رڙيون ڪر ڪي روح سان

♦ ويهارو ڪن مٿيان بيت حاجي عبدالحيات هاليپوٽي جن جا آهن. سندن تخلص ”عاجز“ آهي